SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1999

SINDH ACT NO.VI OF 1999

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1999

THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي ڪجهہ دفعات جي ترميم
Amendment of certain sections of Sindh Act XI of 1989
3. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI ۾ دفعہ 5_B جو اضافو
Addition of section 5_B in Act XI of 1989

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1999

SINDH ACT NO.VI OF 1999

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1999

THE SINDH PUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1999

[27 مارچ 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 1999 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ ۾ ڇاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 3 ۾، دفعه 4 ۾، دفعه 5 جي ذيلي دفعه (1) ۾ ۽ دفعه 9 ۾، لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "گورنر" کي متبادل بڻايو ويندو.

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي ڪجهه دفعات جي ترميم

Amendment of certain sections of Sindh Act XI of 1989

3. ڇاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 5_A کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعه شامل ڪيو ويندو:

(اعزازي ميمبرن جي مقرري) "5_B. (1) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، گورنر اهڙي عرصي لاءِ اعزازي ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو، جيڪو نوي ڏينهن کان وڌيڪ نه هجي، اهڙي اعزازي معاوضي تي جيئن گورنر طئي ڪري.

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI ۾ دفعه 5_B جو اضافو

Addition of section 5_B in Act XI of 1989

(2) اعزازي ميمبر هن ايڪٽ تحت مليل ڪمن موجب ڪميشن سان سهڪار ڪندو.

(3) اعزازي ميمبر، جيستائين اڳواٽ هٽايو نه وڃي، گورنر کي خط ذريعي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

4. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 6 ۾:

(a) ذيلي دفعه (1) ۽ (2) ۾، لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "گورنر" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b) وضاحت ۾، پهريون پيرو ايندڙ لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ

"گورنر" کي متبادل بڌايو ويندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.